# اعليٰ حضرت جو حُسن اخلاق

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

**09-November-2017**

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اعليٰ حضرت جو حُسن اَخلاق

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جوّ آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي:

”بيشڪ الله تعاليٰ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي جنهن کي سڄي مخلوق جي آواز ٻُڌڻ جي طاقت عطا ڪئي آهي، قيامت تائين جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي ته هو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي، چوندو آهي فلاڻي پٽ فلاڻي جي توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙهيو آهي.“ (مجمع الزوائد 251/10 17291)

ہے کرم ہی کرم کہ سُنتے ہیں آپ خوش ہوکے بار بار دُرود
ذاتِ والا پہ بار بار دُرود بار بار اور بے شمار دُرود

(ذوقِ نعت،ص۸۶-۸۷)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره

لڳو تہ صبر کندس، گهوري ڏسڻ چڙب ڏيڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْکُرُاللهَ , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي ذاتِ مبارڪ ڪي جهڙي طرح ٻين وصفن مثال طور عبادت ۽ رياضت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري، عشقِ رسول ۽ علوم ۽ فنون ۾ ڪمال حاصل هو، اهڙي طرح حُسنِ اَخلاق (Politeness) جي معاملي ۾ بہ مسلمانن جي دِل جُوئي، نرمي، عفوو درگذر وغيره صفتن سان سينگاريل مثالي اعليٰ شخصيت هئا. سندن سيرتِ مبارڪ بيان ڪرڻ جي لاءِ هي مختصر وقت گهڻو نہ آهي. تنهنڪري اڄ اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي سيرت جي هڪ پهلو يعني سندن حُسنِ اَخلاق جي باري ۾ ايمان افروز واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اچو! سڀ کان پهريان هڪ واقعو ٻڌون ٿا. جيئن تہ

## دل جي ڪيفيت بدلجي وئي

شيخِ طريقت، اميرِاهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”بريلي کان مديني“ صفحي 13 تي نقل ڪن ٿا: مدينةُ المُرشِد بريلي شريف ۾ هڪ شخص هو. جيڪو بُزرگانِ دين ڪي اهميت نہ ڏيندو هو، ان جي خاندان مان ڪجهہ ماڻهو اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان بيعت

(مريد) ٿيل هئا. اهي سيئي هڪ ڏينهن هن کي ڪنهن به طريقي سان ريجهائي راضي ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي زيارت لاءِ وني ويا. رستي ۾ هڪ حلوائي جي دڪان تي گرم گرم اَمرتي (يعني ماش جي اَٽي جي مٺائي جيڪا جليبي جيان هوندي آهي) ترجي رهي هئي، ڏسي ڪري ان شخص جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو چوڻ لڳو: ”هي ڪارايو ته پوءِ هلندس“. انهن چيو واپسيءَ تي ڪارائيندا‎سين پهرين اسان سان هلو، پوءِ سيئي ماڻهو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا. ايتري ۾ هڪ شخص گرم گرم اَمرتيون ٽوڪري ۾ کڻي اچي حاضر ٿيو، فاتحه کان پوءِ سيني ۾ ورهائي وئي، دربار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو قاعدو هو ته سادات ڪرام (يعني سيدن) ۾ ڏاڙهي وارن کي ٻيڻو حصو ملندو هو جيئن ته ان مذڪوره شخص جي ڏاڙهي به نه هئي ان لاءِ ان کي به هڪ حصو مليو ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو ته انهيءَ شخص کي ٻيڻو ڏيو. تقسيم ڪرڻ واري عرض ڪيو، حضور! ان کي ته ڏاڙهي ناهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن مسڪرائيندي فرمايو: هن جي دل چئي رهي آهي، اچا هڪ حصو ڏيو، اها ڪرامت ڏسي اهو شخص اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جو مريد ٿي ويو ۽ بُزرگان دين جي تعظيم به ڪرڻ لڳو.

مصطفٰے کا وہ لاڈلا پیارا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی
غوثِ اعظم کی آنکھ کا تارا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ان جي عطا ڪيل طاقت سان ماڻهن جي دل جي ڳالهه سمجهي ويندا آهن. جيئن ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ

بِنُوۡرِاللّٰہ يعني مومن جي فراست ۽ دانائي کان ڊڄو اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نُور سان ڏسندو آهي. تڏهن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي مومناڻي فراست سان ان شخص جي دلي ڪيفيت کي ڄاڻي وڏي شفقت ۽ حُسنِ اَخلاق جو مظاهرو ڪندي ان کي (2) امرتيون ڏياريون نہ تہ اُصولي طور تي صرف ڏاڙهي وارن ۽ سيد زادن کي ئي ٻيڻو (Double) حصو ڏنو ويندو هو. اوهان جي حُسنِ اخلاق جي برڪت سان اهو شخص نہ صرف اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جو عقيدت مند بڻجي ويو بلڪ اوهان جي مُريدن ۾ شامل تي ويو. اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي ذات ۾ حُسنِ اَخلاق جي پياري صِفت کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، ڇوتہ جنهن شخص ۾ بہ اها خُوبي موجود هوندي آهي ان کي دُنيا ۽ آخِرت جا بيشُمار فائدا (Benefits) حاصل ٿيندا آهن. حُسنِ اَخلاق جي فضيلتن تي مشتمل حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون بہ (2) مبارڪ حديثون ٻڌي عمل جو جذبو پيدا ڪريو.

1. ارشاد فرمايائون: بيشڪ بَد اَخلاقي ۽ بَدڪلامي اِسلام مان نہ آهي ۽ بيشڪ ماڻهن ۾ اِسلام جي لحاظ کان سڀ کان پلو اهو آهي، جيڪو انهن ۾ سڀ کان سٺي اخلاق وارو آهي. (مسند امام احمد، ۷/۴۱۰، رقم:۲۰۸۷۴)

2. ارشاد فرمايائون: بيشڪ توهان مان مون کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ۽ آخرت ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي قريب اهو شخص هوندو، جيڪو توهان مان بهترين اَخْلاق وارو هوندو ۽ توهان مان مون کي سڀ کان وڌيڪ ناپسند ۽ آخرت ۾ مون کان گهڻو پري اهو شخص هوندو، جيڪو توهان مان بَدترين اَخْلاق وارو هوندو. (مسند امام احمد ،۶/۲۲۰ ،رقم:۱۷۷۴۷)

حُسنِ اَخلاق ملے بھیک میں اخلاص ملے　　اِک بھکاری ہے کھڑا آپ کے دربار کے پاس

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۲۳۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته ماڻهن ۾ اسلام جي لحاظ کان سڀ کان ڀلو ۽ بروزِ قيامت قُربِ مصطفيٰ ماڻڻ وارو شخص اهو هوندو، جنهن جو اخلاق سڀ کان سٺو هوندو. اسان کي گهرجي ته بد اخلاقي کان بچندي ڪنهن به معاملي ۾ حُسنِ اَخلاق جو دامن ڪڏهن به نه ڇڏيون. اچو! ان باري ۾ وڌيڪ ٻڌون ٿا ته حُسنِ اَخلاق ۽ بد اخلاقي ڇا کي چوندا آهن؟ ان جي سڃاڻپ ڇا آهي؟ ڇوته جيستائين ان جي سڃاڻپ نه ٿيندي، ان وَقت تائين حُسنِ اَخلاق کي اپنائڻ يا بَد اَخلاقي کان بچڻ ۾ مدد نه ملندي. ان ڪري پهريان انهن جون تعريفون (Definitions) ٻڌي وٺو.

## حُسنِ اَخلاق ۽ بد اَخلاقِي جي تعريف

اَخْلَاق "خُلُق" جي جَمْع آهي ۽ خُلُق جي وَضاحت ۾ مڪتبةُ المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب اِحياءُ العُلُوم جلد 3 صفحي 165 تي حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرتِ سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: خُلُق (عادَت) نَفس ۾ رَاسِخ (موجود) هڪ اهڙي ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن جي ڪري عمل آساني سان ٿين ٿا. ( انهن کي عَمَلي لباس پارائڻ ۾ ڪنهن) غور ۽فڪر جي حاجت ناهي پوندي. جيڪڏهن نَفس ۾ مَوجُود ڪيفِيت اهڙي هجي ته ان جي ڪري سٺا فعل اهڙي طرح اَدا ٿين جو اهو عَقلِي ۽ شَرعي طور تي پسنديده هجن ته ان کي حُسنِ اَخلاق چوندا آهن ۽ جيڪڏهن ان کان بُرا فعل اهڙي طرح اَدا ٿين جو اهي عَقلِي ۽ شرعي طور تي ناپسنديده هجن ته ان کي بَد اَخلاَقي سمجهيو ويندو.

هن تعريف مان اهو مَعلُوم ٿيو ته جيڪو شخص ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن

عارِضي حاجت يا وَقتِي جوش ۽ جَذبي جي ڪري ڪو سنو عمل ڪري مثال طور مال خرچ ڪري يا ڪاوڙ اچڻ تي قابُو ڪري ته اهي مُعاملا به جيتوڻيڪ ساراهه لائق آهن پر حقيقي سَخاوَت ۽ حقيقي بُردباري انهيءَ وَقت نصيب ٿيندي، جڏهن اهي شيون طبيعت ۾ داخل ٿي وينديون.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! حُسنِ اَخلاق هي ناهي ته اسان صرف مالدارن يا وڏي رتبي تي فائز ماڻهن سان ميل ميلاپ رکون ۽ صرف ان سان خوش اخلاقي ۽ ملنساري سان پيش اچون ۽ جڏهن ڪو غريب ۽ نادار، يا گهٽ رتبي وارو شخص اسان سان ملڻ چاهي يا ڪا ڳالهه ڪرڻ چاهي ته ان کان منهن موڙي وٺون يا منهن ڦٽائي بي ڌياني سان ان جي ڳالهه ٻڌون بلڪ حُسنِ اَخلاق ته هي آهي ته امير هجي يا غريب، سيٺ هجي يا ملازم، نگران هجي يا ماتحت هر هڪ سان هڪجهڙي سلوڪ سان پيش اچون ۽ هر هڪ سان گڏ خوش اخلاقي ڀريو ورتاءُ ڪريون، جهڙي طرح مالدارن کي عزّت ڏني ويندي آهي انهن جو احترام ڪيو ويندو آهي، ان جي دعوت قبول ڪئي ويندي آهي، غريبن سان به اهڙو ئي رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. اسان جي اعليٰ حضرت، امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي حُسنِ اَخلاق جو هي عالم هو جو جيڪڏهن ڪو غريب ۽ نادار شخص سندن دعوت (Invite) ڪندو هو ته پاڻ پنهنجي وڏي مصروفيت جي باوجود به خوشي سان ان جي دِلجوئي جي لاءِ دعوت قبول ڪندا هئا.

## هڪ غريب، يتيم ٻار جي دلجوئي

خليفه اعليٰ حضرت، حضرت مولانا سيد ايوب علي رضوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ننڍڙو صاحبزادو نهايت ئي بي تڪلفي واري انداز ۾ سادگي سان خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: منهنجي والده اوهان جي دعوت ڪئي آهي، سڀاڻي صبح جو سڏرايو آهي. اعليٰ حضرت (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه) ان کان پڇيا

ڪيائون: مون کي دعوت ۾ ڇا کارائيندو؟ ان تي اُن صاحبزادي پنهنجي ڪُرتي جو دامن جيڪو ٻنهي هٿن سان پڪڙيل هو ان کي کوليو، جنهن ۾ ماش جي دال ۽ ٻه چار مرچ موجود هئا، چوڻ لڳو! هي دال وٺي آيو آهيان. پاڻ ان جي مٿي تي شفقت وچان هٿ ڦيريندي فرمايائون: چڱو! مان ۽ هي (يعني حاجي ڪفايت الله رضوي صاحب) سڀاڻي ڏينهن جو ڏهه بجي (10:00) ايندا سين، پوءِ حاجي ڪفايت الله صاحب کي فرمايائون: گهر جورستو معلوم ڪري وٺو. غرض صاحبزادي گهر جو رستو ٻڌائي خوش خوش هليو ويو. ٻي ڏينهن مقرر وقت تي اعليٰ حضرت (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) لٺ مبارڪ هٿ ۾ ڪٽي ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ حاجي صاحب کي فرمايائون: هلو، انهن عرض ڪيائون ڪيڏانهن؟ فرمايائون اُن صاحبزادي وٽ دعوت جو واعدو (Promise) جيڪو ڪيو هو، اوهان گهر جو رستو معلوم ڪيو يا نه؟ عرض ڪيائين: جي ها حضور، جنهن وقت گهر وٽ پهتا ته اهو صاحبزادو دروازي تي انتظار ۾ بيٺل هو، حضور کي ڏسندي ئي هي چوندي وٺي ڀڳو! مولوي صاحب اچي ويو، دروازي جي ويجهو ئي هڪ ڇپر هو، اتي ويهي انتظار ڪيائون، ڪجهه دير کان پوءِ هڪ پراڻي چٽائي (سندن ويهڻ جي لاءِ) آئي ۽ ٿانوءَ ۾ ٿلهيون ٻاجهري جون مانيون ۽ مٽي جي پليٽ ۾ اها ئي ماش جي دال جنهن ۾ مرچ جا ٽڪرا پيل هئا ڪٽي (سامهون) رکي چوڻ لڳو: کاؤ! فرمايائون: تمام سٺو، کاوان ٿو! هٿ ڌوئڻ جي لاءِ پاڻي ڪٽي اچ .

هوڏانهن هو صاحبزادو پاڻي آڻڻ جي لاءِ ويو ۽ هيڏانهن حاجي صاحب چيو ته حضور هي گهر نقارو يعني ڍُهل وڄائڻ واري جو آهي. حضور هي ٻڌي (تقويٰ جي ڪري) غمگين ٿيا، ايتري ۾ هو صاحبزادو پاڻي ڪٽي حاضر ٿيو، حضور معلوم ڪيائين ته اوهان جا والد ڪاٿي آهن ۽ ڇا ٿا ڪن ٿا؟ دروازي جي پردي مان اُن صاحبزادي جي والده عرض ڪيائين: حضور! منهنجي مڙس جو انتقال ٿي ويو

آهي، هو ڪنهن زماني ۾ نغارو وڄائيندا هئا. ان ڪان پوءِ توبہ ڪئي هئي، هاڻي صرف هي ڇوڪرو آهي، جيڪو مزدورن سان گڏ مزدوري ڪندو آهي. حضور (خوشي سان) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چئي ماني کائڻ لڳا. پر دل ئي دل ۾ حاجي صاحب جي هي خيال آيو پئي تہ حضور جو کائڻ ۾ گهڻو احتياط آهي، هي ماني ۽ اها بہ ٻاجهري جي ۽ ان تي ماش جي دال ڪيئن کائيندا. پر قربان ان اخلاق ۽ دِلداري تي جو ميزبان جي خُوشي جي لاءِ خوب پيٽ ڀري کاڌائون، اتان واپسي تي حاجي صاحب جي شڪ کي دُور ڪرڻ جي لاءِ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن اهڙي خُلوص جي دعوت روز هجي تہ مان روز قبول ڪيان. (حياتِ اعليٰ حضرت،١/١٢١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ان غريب ڇوڪري جي دِلجوئي جي لاءِ دعوت قبول ڪري پنهنجي چاهيندڙن کي حُسنِ اَخلاق جو ڪيترو پيارو درس ڏنو. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اميرن جي سٺن ۽ عمده کاڌن کان لطف اندوز ٿيڻ جي لاءِ صرف انهن جي دعوت قبول نہ ڪريون، بلڪ وڏي خوشي سان غريبن جي دعوت قبول ڪري انهن جي دال ماني کائي بہ انهن جي دِلجوئي ڪريون، ڇوتہ دعوت قبول ڪرڻ تہ اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سنت آهي. جيئن رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪڏهن مون کي ٻڪري جي پاون جي بہ دعوت ڏني وڃي تہ مان قبول ڪندس ۽ جيڪڏهن مون کي ٻڪري جي دَستِي(ٻانهن) بہ تحفي ۾ ڏني وڃي تہ مان قبول ڪندس. (بخاري، ڪتاب النڪاح،باب من اجاب الي ڪراع،٣/٤٥٥،حديث:٥١٧٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! دعوت قبول ڪرڻ بابت بہ (2) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا.

1. ارشاد فرمايائون: جڏهن توهان مان ڪنهن کي ان جو ڀاءُ شادي يا ڪنهن ٻئي موقعي تي دعوت ڏئي تہ ان کي گهرجي تہ قبول ڪري. (مسلم، ڪتاب

النڪاح ، باب الأمر بإجابة الداعي...الخ،ص۵۷۵، حديث: ۳۵۱۳)

2. ارشاد فرمايائون: جڏهن توهان مان ڪنهن کي ڪائڻ جي دعوت ڏني وڃي ته ان کي ضَرور قبول ڪري، پوءِ چاهي ڪائي، چاهي نه ڪائي. (مسلم ، ڪتاب النڪاح، باب الأمر بإجابة الداعي...الخ،ص۵۷۵، حديث: ۳۵۱۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته سنين سنين نيتن سان اهڙي دعوت جيڪا خلافِ شريعت نه هجي قبول ڪريون ۽ ان ۾ امير ۽ غريب جو فرق نه ڪندي پنهنجي هر مسلمان ڀاءُ جي دِل خوش ڪرڻ جي نِيت سان ممڪن هجي ته شرڪت به ڪريون. ائين نه ٿئي جو مالدار يا صاحبِ منصب شخص اسان کي دعوت ۾ گهرائي ته اسان هڪدم حامي ڀريون ۽ ڪو غريب سچي نيت سان اسان کي دعوت ڏي ته اسان کي گهر جو ضروري ڪم ياد اچي وڃي يا مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ غرور ۽ تڪبُّر جي ڪري ان جي دعوت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيون.

حُجَّة الاِسلَام حضرت سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: دعوت قبول ڪرڻ ۾ امير ۽ غريب جو فرق سامهون نه هجي چو ته هي تڪبُّر آهي جيڪو منع آهي. ڪي تڪبر ڪندڙ ماڻهوصرف اَغنِيا (مالدارن) جي دعوت قبول ڪن ٿا، غريبن جي نه، هي خلافِ سنّت آهي چوته پيارا مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غُلام ۽ مسڪين سيني جي دعوت قبول ڪندا هئا. ( احياء العلوم ،۴۵/۲ بتغير قليل)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اعليٰ حضرت، امام اهلسُنَّت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي حُسنِ اَخلاق جي باري ۾ پڙهي رهيا آهيون. جيڪڏهن ڪو پاڻ جي لاءِ برا ڪلمات استعمال ڪندو هو ته پاڻ صبر ۽تحمل ۽ عفودر گذر ڪندا هئا ۽ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪاوڙ ڪرڻ ۽ ان کان انتقام وٺڻ جي بدران رضاءِ الٰهي

جي لاءِ انهن کي معاف (Forgive) ڪندا هئا. جيئن

## ڪنهن جي مدح ۽ ذمّ جي پروا ناهي

هڪ ڀيري ڳارين سان ڀريل هڪ خط (Letter) آيو، پڙهڻ واري ڪجھ لائنون پڙهي خط الڳ رکندي عرض ڪيو: حضور! ڪنهن بد مذهب پنهنجي دشمني جو ثبوت ڏنو آهي ارادت جي حلقي ۾ شامل ٿيڻ وارو هڪ نئو مُريد اهو خط ڪٿي پڙهن لڳو. اتفاق جي ڳالهه هي ته موڪلڻ واري جو نالو ۽ پتو لکيل هو، اهو ماڻهو ان جي علائقي جو هو. نئي مريد کي گهڻو رنج ٿيو. ان وقت ته خاموش رهيو پر جڏهن اعليٰ حضرت مغرب جي نماز کان بعد گهر ڏانهن وڃڻ لڳا ته ان نئي مريد اوهان کي عرض ڪيو: ان وقت جيڪو خط مون پڙهيو هو ڪنهن سنگدل(سخت دل) ڳاريون لکي موڪليون هيون،منهنجو خيال آهي ته ان تي مُقدَّمو ڪيو وڃي. اهڙن ماڻهن کي سزا ڏياري وڃي ته جيئن ٻين جي لاءِ عبرت جو نمونو بڻجي وڃن نه ته ٻين کي به اهڙي جرئت ٿيندي.

حلم ۽حيا جي پيڪر، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ پنهنجي نئي مُريد جي اها ڳالهه ٻڌي ته هي چئي اندر هليا ويا: تشريف رکو! مان هاڻي ئي اچان ٿو- پوءِ ڏهه پندرهن (15/10) خط (Letters) هٿ مبارڪ ۾ ڪٽي ٻاهر آيا ۽ فرمايائون: ڪجھ انهن کي پڙهو! هي ڏسي وينل ماڻهو حيران ٿيا ته خبر ناهي اهي ڪهڙي قسم جا خط آهن؟ خيال گذريو ته شايد اهڙي قسم جي ڳارين وارا هوندا- جنهن کي پڙهائڻ جو مقصد هي هوندو ته ان قسم جا خط اج ڪا نئي ڳالهه ناهي، بلڪ زماني کان اچي رهيا آهن- پر هو صاحب خط پڙهندو پئي ويو ۽ ان جو چهرو خوشي سان چمڪندو پئي ويو- جڏهن سڀ خط پڙهي چڪو ته اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمايائون: اڳ ۾ ان تعريف ڪرڻ وارن بلڪ گهڻي تعريف ڪرڻ وارن کي اِنعام ۽ اِڪرام، جاگير ۽ عطيات سان مالا مال ڪريو، پوءِ ڳاريون ڏيندڙن کي سزا ڏيارڻ جو فڪر ڪجو- باادب ۽ جذباتي مُريد

عرض ڪيو: سائين! دل تہ اها چاهي ٿي تہ انهن سيني کي ايترو انعام ۽ اڪرام ڏنو وڃي جو نہ صرف انهن کي بلڪ انهن جي نسلن کي بہ ڪافي هجي- پر هي منهنجي طاقت کان ٻاهر آهي- اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ارشاد فرمايائون: جڏهن اوهان مخلص کي نفعو نٿا پهچائي سگهو، تہ مخالف کي نقصان بہ نہ پهچايو . (اعليٰ حضرت کي انفرادي ڪوشش،ص٢٥)

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ڪيتري قدر حُسنِ اَخلاق جا مالڪ هئا جو پنهنجي خلاف برا ڪلمات استعمال ڪرڻ وارن کان بدلو وٺڻ بدران انهن کي معاف ڪندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ سيرتِ اعليٰ حضرت تي عمل ڪندي غلطي ڪرڻ وارن کي، چاٽي واٽي ستائڻ وارن، گاريون ڏيندڙن کي رِضاءِ الٰهي جي خاطر مُعاف ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي، ڪو ڪيتري ئي ڪاوڙ ڏياري اسان کي صبر ۽ تحمل جو دامن هرگز نہ ڇڏڻ گهرجي. ياد رکو! ڪنهن جي غلطي تي بدلو وٺڻ جي قُدرت جي باوُجُود ان کي مُعاف ڪرڻ اهڙي بهترين عادت آهي جو جيڪڏهن اسان ان کي اپنائي ونون تہ اسان جو مُعاشَرو اَمَن ۽ سُڪون جو گهوارو بڻجهي سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح لڙائي جهيڙا ۽ تمام فتنا پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندا. ٻين کي معاف ڪرڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي ڪاوڙ تي قابو ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ غُصُّو انساني فطرت ۾ شامل هڪ غير اِختياري صِفَت آهي جو اڪثر ان سبب لڙائي جهيڙو، ڀن ڀائرن ۾ جُدائي، زال مڙس ۾ طَلاق، پاڻ ۾ نَفرت ۽ قَتل ۽ غارَت تائين نوبت پهچي ويندي آهي، اهڙن موقعن تي اسان کي پنهنجي بزرگن جي سيرت تي عمل ڪندي پنهنجي ذات جي لاءِ غصّو ڪرڻ بدران عفوو در گذر کان ڪم وٺڻ گهرجي. جيئن تہ

## پنهنجي ذات جي لاءِ بدلو نہ ورتو

اَميرُ المُؤمِنِين حضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ نشو ڪرڻ واري هڪ شخص کي سزا ڏيڻ جو ارادو ڪيو: تہ هو سندن بُرائي ڪرڻ لڳو. پاڻ ان کي ڇڏي ڏنو. ماڻهن عرض ڪيو: يا اَميرُالمُؤمِنِين! جڏهن ان اوهان کي گار (Swear) ڏني تہ اوهان ان کي ڇو ڇڏي ڏنو؟ فرمايائون: ان ڪري جو ان مون کي ڪاوڙ ڏياري هئي، هاڻي جيڪڏهن مان ان کي سزا ڏيان هئا تہ منهنجي پنهنجي ذات جي لاءِ ڪاوڙ هجي ها ۽ مان نٿو چاهيان تہ ڪنهن مسلمان کي پنهنجي ذاتي غيرت جي ڪري ڪا سزا ڏيان. (احياءالعلوم،۳/۲۲۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو ڪوڙ ڳالهائي پنهنجو ڪم ڪڍڻ چاهيندو هجي ۽ اسان کي معلوم بہ هجي تہ هي شخص ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي تہ اهڙي صورت ۾ بہ حُسنِ اخلاق ان ڳالهہ جو تقاضو ڪري ٿو تہ ان تي سختي ڪرڻ بدران نرمي ۽ حڪمتِ عملي سان اهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي جو معاملو خوشي سان حل ٿي سگهي، اسان جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيہ جي حُسن ِاخلاق جو هي عالم هو جو هڪ پيري پاڻ جي سامهون ڪنهن غلط بياني ڪئي تہ پاڻ کي نورِ فراست سان ان جي ڪوڙ (Lie) جي خبر پئجي وئي، پوءِ بہ پاڻ ان سان سختي جو ورتاءُ ڪرڻ ۽ سيني جي سامهون ان کي ذليل ۽ رُسوا ڪرڻ بدران پيار ۽ محبت ۽ حڪمتِ عملي سان معاملي کي حل ڪيو. جيئن تہ

## نورِ فراست سان حقيقت جي خبر پئجي وئي

هڪ شخص اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيہ جي خدمت ِاقدس ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: منهنجي زال جو انتقال ٿي ويو آهي، گهر ۾ ميت پيل آهي، تجهيز ۽

تڪفين جي لاءِ مون وٽ هڪ روپيو بہ ناهي، سائين منهنجي مدد ڪريو. سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي باطني نور سان اُن جي فريب کي سڃاتو، پر پوءِ بہ ان کي ذليل ڪري نہ ڪڍيو بلڪ ڪجھ رقم حاجي ذُڪاءُ الله خان صاحب قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي ڏئي فرمايائون تہ اوهان هن سان گڏ وڃو ۽ ڪفن وغيره جو سامان وٺي ڏيو. پاڻ حڪم موجب ان سان گڏ ويا ۽ ڪجھ دير ۾ واپس موٽي جيڪا رقم گڏ کڻي ويا هئا واپس اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي حوالي ڪري ڇڏيائون ۽ عرض ڪن ٿا تہ اُن صاحب ڪجھ پري هلي چيائين تہ ادا! ميت وغيره ڪجھ نہ آهي ڳالھ هي آهي تہ مون وٽ جيڪي پيسا هئا، اهي مون جُوا ۾ هارايا آهن، تنهنڪري اوهان جيڪا رقم آندي آئي اڌ مون کي ڏيو ۽ اڌ اوهان رکي ڇڏيو. (فيضانِ اعليٰ حضرت،ص۴۰۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪريو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو اصلاح ڪرڻ جو انداز ڪيتري قدر حُسنِ اَخلاق سان ڀرپور هو جو پاڻ نورِ باطن سان ڄاڻي ورتو تہ هي شخص ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، ان جي گھر ۾ ڪنهن جو انتقال ناهي ٿيو پوءِ بہ ان شخص کي ذليل ۽ رُسوا ڪرڻ بدران اهڙي حڪمتِ عَمَلي اختيار ڪئي جو هو شخص پنهنجي ناپاڪ ارادي ۾ ناڪام ٿيو. اهڙي طرح هن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن مسلمان کي هي نٿو جڳائي تہ هو ڪوڙ ۽ ڏوکي (Deceiving) وغيره جي ذريعي ڪنهن مسلمان کي نقصان پهچائي. اچو هن باري ۾ بہ (2) احاديثِ مُبارڪ ملاحظ ڪريو.

1. ارشاد فرمايائون: سچائي کي پاڻ تي لازم ڪريو ڇوتہ هي نيڪي سان گڏ آهي ۽ هي ٻئي جنّت ۾ آهن ۽ ڪوڙ کان بچندا رهو ڇوتہ هي گناهہ سان گڏ آهي ۽ هي ٻئي جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا آهن. (الثقات لابن حبان،باب الكذب،۴۹۴/۷، رقم:۵۷۰۴)

2. ارشاد فرمايائون: جيڪو اسان سان ڌوڪي بازي ڪري اهو اسان مان نہ آهي ۽ مڪر ۽ ڌوڪي بازي جهنم ۾ آهي.

(ڪنزالعمال،ڪتاب الاخلاق،قسم الاقوال، المکر والخديعة، الجزء الثالث، ۲۱۸/۲، حديث: ۷۸۲۱)

دَردِ سر ہو یا بخار آئے تڑپ جاتا ہوں میں جہنم کی سزا کیسے سہوں گا یا ربّ!

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۸۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار مدني مذاڪرو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيرتِ اعليٰ حضرت تي عمل جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ 12 مَدَني ڪمن ۾ حصّو ونو. 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني مذاڪرو“ بہ آهي.

◈ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”مَدَني مذاڪرو“ ڏسندي، ٻڌندي رهڻ جي بَرَڪت سان شَرعي مُعاملاَت ۾ اِحتياط ڪرڻ جو ذِهن نصيب ٿيندو آهي. ◈ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان عاشقانِ رسول جي صُحبت مُيسَّر ٿيندي آهي، ◈ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان عمل جو جَذبو وڌندو آهي. ◈ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي. ◈ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ اِستقامت نصيب ٿيندي آهي. ◈ مَدَني مذاڪري جي برڪت سان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي اپ ڊيٽس (Updates) ملندي آهي. ◈ مَدَني مذاڪرو علمِ دِين جي ترقي جو سبب آهي. ◈ مَدَني مذاڪرو، اميرِ اهلسنت جي زندگي جي سوين بلڪ هزارين تجربات سان مدني تربيت حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. ◈ مَدَني مذاڪري ۾ دِيني معلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تربيت بہ ٿيندي آهي. ◈ مدني مذاڪري جي بَرَڪت سان اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل مُختلف سُوالات بابت

دِلچسپ جوابات جي صُورت ۾ عِلْمِ دِين حاصل ٿيندو آهي ۽ علمِ دِين جي فضيلت ۾ اچي ٿو تہ حضرت سَيِدُنا ابُو ذَر غفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ

## هڪ هزار نفلن کان افضل

حضورپُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي ابوذر!(رَضِی الله تَعَالٰی عَنْه) توهان جو ان حالت ۾ صُبح ڪرڻ جو تون الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، اهو توهان جي لاءِ 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ توهان جو ان حال ۾ صبح ڪرڻ جو توهان علم جو هڪ باب سکيو هجي جنهن تي عمل ڪيو ويو هجي يا نہ ڪيو ويو هجي، تہ اهو توهان جي لاءِ 1000 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. (ابن ماجه، كتاب السنة، ١٤٢/١،حديث:٢١٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيئي اسلامي ڀائر مدني مذاڪري جي برڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري چڪا آهن. ان ڪري اچو! هٿو هٿ نيت ڪريون ٿا تہ اسان بہ هر هفتي ”مَدَني مذاڪري“ ۾ شروع کان آخرتائين شرڪت ڪي يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا رهنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون خوب خُوب برڪتون حاصل ٿينديون. هفتيوار مدني مذاڪري جي علاوه مختلف موقعن تي بہ مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو آهي جنهن ۾ لکين عاشقانِ رسول ڏسڻ، ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن،مثال طور مُحَرَّمُ الْحَرَام جا 10مدني مذاڪرا، ربيعُ الاول (ٻارهين) جا 12مدني مذاڪرا، ربيعُ الاخر(يارهين) جا 11مدني مذاڪرا، رمضان ۾ روزانو 2مدني مذاڪرا، ذُوالحِجَّة الحَرام جا 10مدني مذاڪرا وغيره. هنن مدني مذاڪرن ۾ بہ شروع کان آخرتائين شرڪت ڪري دُنيا ۽ آخرت جون بيشمار برڪتون ۽ ڀلائيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. اچو تَرغِيب جي لاءِ مدني مذاڪرو ڏسڻ جي هڪ مدني

بهار پڌو ۾ خوش ٿيو، جيئن

## مدني مذاڪري سڌاري ڇڏيو

واه ڪينٽ(پنجاب پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي دعوت اسلامي جي مدني ماحول کان اڳ ڪوڙ نوجوانن وانگر مختلف اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هو. فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ ان جو محبوب مَشغَلو هو. گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان ان کي مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي برڪت سان اهو اسلامي ڀاءُ اڳوڻن سيني گُناهن کان توبہ ڪري فرض ۽ واجب جو عامِل بڻجي ويو، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي شريف سجائي ورتي ۽ مدني حُليو بہ اَپنائي ورتو، الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو والِدَين خوشي سان ”وقفِ مدينہ“ (دعوتِ اسلامي جي ڪمن لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ پيش) ڪري ڇڏيو آهي.

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مدنی ماحول
پلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشقِ مصطفٰے مدنی ماحول

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شاگردن تي شفقت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اهي ماڻهو گهڻا خوش نصيب آهن جو جن کي الله عَزَّوَجَلَّ هن ڳالهہ جي توفيق عطا ڪئي تہ هو علمِ دِين حاصِل ڪن. طالبِ علم دِين جي اهميت ان ڪري بہ گهڻي آهي جو اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمت ۾ هوندا آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه شاگردن (Students) سان خوب شفقت ۽ محبت ڪندا هئا ۽ انهن سان حُسنِ اَخلاق سان پيش ايندا هئا. جيئن

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ شاگردن تي گهڻا

شفيق ۽ ڪريم هئا، خوشين جي موقعن تي، عيد جي ڏينهن ۾، انهن جي لاءِ نوان نوان ڪپڙا سبرائيندا هئا ۽ قسم قسم جا ڪاڏا پچارائي ڪارائيندا هئا. عرب شاگردن جي لاءِ عربي ڪاڏو، روسي شاگردن جي لاءِ روسي ڪاڏو، بنگالي شاگردن جي لاءِ بنگالي ڪاڏو، سنڌي جي لاءِ سنڌي ڪاڏو، پنجابي شاگردن جي لاءِ پنجابي ڪاڏو. مقصد تہ جن شاگردن کي جيڪو ڪاڏو وڻندو هو انهن کي اهو پچارائي ڪارائيندا هئا ۽ ڪارائي خُوش ٿيندا هئا. (فيضانِ اعليٰ حضرت،ص١٨٧ )

## هڪ روپيو انعام

اعليٰ حضرت،امام اهلسنت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جي سعادت مند شاگرد مَلِڪ العُلَمَاء حضرت مولانا محمد ظفر الدّين بهاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مون سڀ کان پهرين فتويٰ 1322ھ ۾ لکي ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جي خدمت ۾ اصلاح جي لاءِ پيش ڪئي حُسنِ اتفاق سان بلڪل صحيح نڪتي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ان فتويٰ کي ڪٽي مون وٽ پاڻ تشريف فرما ٿيا ۽ هڪ روپيو پنهنجي مبارڪ هٿ سان عنايت ڪندي ارشاد فرمايائون: مولانا! سڀ کان پهرين فتويٰ جڏهن مون لکي هئي تہ منهنجي والدِ ماجد مون کي شيرٽي ڪائڻ جي لاءِ هڪ روپيو عنايت ڪيو هو. اڄ اوهان جيڪا فتويٰ لکي آهي اها پهرين فتويٰ آهي ۽ مَاشَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بلڪل صحيح آهي. ان ڪري انهيءَ پيروي ۾ هڪ روپيو اوهان کي شيرٽي ڪائڻ جي لاءِ ڏيان ٿو، خوشي سبب منهنجي زبان بند ٿي وئي ۽ مان ڪجھ چئي نہ سگهيس، ان ڪري جو فتويٰ پيش ڪرڻ مهل مون خيال پئي ڪيو تہ اللّٰه ڄاڻي تہ جواب صحيح لکيو آهي يا غلط، پر خدا جي فضل سان اهو صحيح ۽ بلڪل صحيح نڪتو ۽ پوءِ ان تي انعام ۽ اهو بہ هنن بهترين لفظن سان تہ "منهنجي والدِ ماجد مون کي پهرين فتويٰ تي انعام (Gift) ڏنو هو، ان ڪري مان بہ پهرين فتويٰ صحيح تي انعام ڏيان ٿو". حق هي آهي تہ هڪ خادم جي اها عزّت افزائي آهي جنهن جي ڪا حد نہ آهي ۽ پوءِ ان عزّت

افزائي کي هميشہ برقرار رکيائون. (حياتِ اعليٰ حضرت،۱/۱۱۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه شاگردن سان ڪيتري قدر شفقت ۽ حُسنِ اَخلاق جو مظاهرو ڪندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ علمِ دِين حاصل ڪرڻ وارن شاگرد سڳورن سان شفقت ڀريو ورتاءُ ڪريون ۽ انهن جي خوب خوب خدمت ڪريون ۽ انهن جي ضرورتن کي پورو ڪري ان جون برڪتون ماڻڻ جي سعادت حاصل ڪريون. اچو! هن حوالي سان بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ الله المُبِين جو عمل ملاحظہ ڪريون.جيئن تہ

منقول آهي تہ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ٻين شاگردن کان فارغ ٿيڻ کان بعد پنهنجن ٻنهي پٽن کي پڙهائڻ جي لاءِ ٻنپهرن جو وقت مقرر ڪيو هو، هڪ ڏينهن انهن ٻنهي شڪوه ڪئي تہ ٻنپهرن جي وقت طبيعت جلد ئي بيزار ٿي ويندي آهي ۽ ٿڪاوٽ ٿيندي آهي، تنهنڪري اوهان اڳ ۾ اسان کي پڙهائيندا ڪريو. هي ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ارشاد فرمايائون: هي شاگرد جيڪي مسافر بہ آهن، دنيا جي مختلف علائقن مان مون وٽ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ آيا آهن، تنهنڪري پهريان انهن کي پڙهائڻ ضروري آهي، اهڙي طرح ٻين شاگردن تي شفقت جي سبب ان جي ٻنهي ڇوڪرن اهو رتبو حاصل ڪيو جو اهي ٻئي پنهنجي زماني جي ڪوڙ فقهاء تي فوقيت وٺي ويا. (راه علم،ص۸۴) اهڙي طرح حضرت داتا گنج بخش سيد علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي استاذ حضرتِ سَيدُنا ابو العباس احمد بن محمد اشقاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو تذڪرو ڪندي فرمائن ٿا: مون کي انهن سان بيحد محبت آهي، ۽ هو مون تي خُصُوصِي شَفْقَت ڪندا هئا. الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي بہ شاگردن سان محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ جي توفيق عطا فرمائي. (فيضان داتا علي هجويري،ص۲۱ملتقطاً)

ہے عالِم کی خدمت یقیناً سعادت ہو توفیق اس کی عطا یا الٰہی

(وسائل بخشش مرمم،ص١٠٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ شهر کان ٻاهر تمام گهٽ ويندا هئا، مسلسل تصنيف ۽ تدريس، افتاء نويسي، اوراد ۽ وظائف، عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندا هئا، پر مخلصن جي زور ڀرڻ ۽ دِيني ضرورت ڏسي شديد مصروفيت جي باوجود بہ پاڻ ڀري ڀري جي علائقن ۾ وڃي مريضن (Patients) جي عيادت ڪندا هئا، جيئن تہ ذڪاء الله خان صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بيان ڪن ٿا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر بہ تشريف کڻي ويندا هئا.

## عيادت جي لاءِ شهر کان ٻاهر ويا

هڪ دفعي شير پور ضلع پيلي ڀيت جا بہ (2) ماڻهو جيڪي تمام وڏا رئيس ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا وڏا عقيدت مند هئا، انهن جي رشتيدارن ۾ ڪا عورت بيمار ٿي تہ شير پور مان ڪجهہ ماڻهو اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي وٺڻ جي لاءِ آيا ۽ گڏ هلڻ جي لاءِ گهڻو زور ڀريو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه انهن سان هلڻ جو واعدو ڪيو، اسٽيشن تي گهڻا ماڻهو استقبال جي لاءِ موجود هئا، پاڻ کي وڏي آرام ۽ عافيت سان وٺي ويا. جيئن ئي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اتي پهتا تہ هڪ شخص آيو ۽ عرض ڪيائون تہ سائين! اوهان شايد ريل (Train) تي سوار ٿيا هوندا تہ مريضہ کي شفاء ٿيڻ شروع ٿي وئي. هاڻي حضور جا مبارڪ قدم پيا آهن تہ بلڪل صحت ياب ٿي ويندي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بہ ڏينهن ترسيا، الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان مريضہ نيڪ ٿي وئي ، وڏي ادب ۽ تعظيم سان اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي

رخصت ڪيو ويو. (فيضانِ اعليٰ حضرت،ص۱۸۳ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه گهڻي مصروفيت جي باوجود ماڻهن جي دِلجوئي جي لاءِ مريضن جي عيادت ڪندا هئا، يقيناً بيمارن جي عيادت ڪرڻ ثواب جو ڪم ۽ تمام وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي پر ڪڏهن ڪڏهن عيادت ڪرڻ وارا ماڻهو مريض جي لاءِ راحت بدران زحمت جو سبب بڻجي ويندا آهن. بِلا ضرورت مرض جو تفصيل(details) پڇڻ، طِبّي معاملن کان لاعِلم هوندي بہ ان کي طرح طرح جا مشورا ڏيڻ ۽ بيا فضول سوال ڪرڻ مريض جي لاءِ بيزاري جو سبب بڻجي ويندا آهن، بهر حال عيادت ڪرڻ ۾ مريض جي ڪيفيت جو خيال رکڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن هي محسوس ٿئي تہ اسان جي موجودگي مريض جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي تہ جلد اتان کان روانو ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن مريض وٽ ويهڻ سان ان کي اُنس حاصل ٿئي تہ پوءِ ويهڻ بهتر آهي. جيئن تہ حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه لکن ٿا: جنهن وقت هي گمان ٿئي تہ مريض ان شخص جي ويهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿو، مثال طور هو ان جو دوست يا ڪو بُزُرگ آهي يا هو ان ۾ پنهنجي مصلحت سمجهي ٿو، اهڙي طرح ڪو بيوفائدو هجي تہ ان وقت مريض وٽ وڌيڪ ويهڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (مرقاة المفاتيح،ڪتاب الجنائز،۴/۶۰،تحت الحديث :۱۵۹۱)

تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ مريضن جي عيادت ڪرڻ جي عادت ناهيون ۽ خوب خوب ثواب ڪمايون. جي ها! ڪنهن مريض يا ڏکويل جي گهر يا اسپتال وڃي سُنّت مطابق عيادت ۽ غمخواري تہ مدني انعامات ۾ بہ شامل آهي، جيئن مدني انعام نمبر53 آهي:

"ڇا اوهان هن هفتي گهٽ مان گهٽ هڪ مريض يا ڏکويل جي گهر يا اسپتال وڃي سُنّت مطابق غمخواري ڪئي؟ ۽ ان کي تحفي (چاهي مڪتبة المدينہ جو شايع ڪيل رِسالو يا پمفلٽ) پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ تعويذاتِ

عطاريہ جي اِستعمال جو مشورو ڏنو؟

اچو! ترغيب جي لاءِ مريض جي عيادت جي فضائل تي مشتمل احاديثِ کريم ٻڌو ۔

1. ارشاد فرمايائون: مسلمان جڏهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت لاءِ ويو تہ واپس موٽڻ تائين هميشہ جنّت جا ميوا چونڊڻ ۾ رهيو.

(مسلم، كتاب البر...الخ،باب فضل عيادة المريض، ص١٠٦٦،حديث:٦٥٥٣)

2. ارشاد فرمايائون: بهترين عيادت جلد اُٿي وڃڻ آهي .(شعب الايمان،٥٤٢/٦، حديث: ٩٢٢١)

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو ڪنهن مريض جي عيادت ڪري ٿو يا الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ سان ملڻ لاءِ ويندو آهي تہ هڪ منادي ان کي مخاطب ڪري چوندو آهي تہ خوش ٿي وڃ چوتہ تنهنجو هي هلڻ مبارڪ آهي ۽ تو جنت ۾ پنهنجو نڪاڻو ٺاهي ورتو آهي.

(تر مذي ،كتاب البر والصلة ،باب ماجاء في زيارة... الخ،٣ /٤٠٦، رقم:٢٠١٥)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ بيان ڪيل احاديثِ مبارڪ تي عمل ڪرڻ ۽ مسلمانن جي دل جوئي جي نيت سان حڪمتِ عملي سان مريضن جي عيادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ النّبِی الْاَمين صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مريضن جي عيادت ڪرڻ وجو تہ انهن کي طبّي علاج سان گڏ رُوحاني علاج جي لاءِ تعويذاتِ عطاريہ حاصل ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏيارڻ گهرجي، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي 104

شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ ”مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطّاريه“ بہ آهي جيڪو مريضن ۽ پريشان حال اسلامي ڀائرن جي خير خواهي ۾ مصروفِ عمل آهي. هن مجلس جي طرفان هر مهيني (Month) اٽڪل هڪ لک پنجويهه هزار (1،25،000) بيمارن ۽ پريشان حال ماڻهن ۾ ڪم وبيش 4 لک ڪان وڌيڪ تعويذات ۽ اَورادِ عطّاريہ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ بلڪل مُفت تَقْسِيم ڪيا ويندا آهن.

ياد رهي! تعويذاتِ عطاريہ (يعني اميرِاهلسنّت جي طرفان اجازت شده تعويذات) جون برڪتون فقط ڪنهن مَخصُوص عَلائقي يا شهر تائين ئي مَحْدُود نہ آهن بلڪ تعويذات عطّاريہ جي بيشماربستن تان روزانو هزارين مريضن کي تعويذاتِ عطاريه فِي سبيل اللّٰه ڏنا ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## داتا صاحب جو عُرس مُبارَڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ 20 صفر المظفر حضرتِ سَيدُنا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جو عرس مبارڪ آهي. تنهنڪري انهيءَ مناسبت سان حُصُولِ برڪت جي لاءِ سندن جو مختصر ذڪرِ خير بہ ٻڌون ٿا. داتا صاحب جو نالو ”عَلِي“ والِد جو نالو ”عُثمان“ آهي. سندن جو سِلسِلہ نَسَب ڇهين واسِطي سان سَيدُ الشُّهدا، راڪبِ دوشِ مُصطَفٰي، حضرتِ سَيدُنا امامِ حَسَنِ مُجتَبٰي رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ سان وڃي ملي ٿو. (بزرگانِ لاهور،ص٢٢٢ملتقطاً) سندن جي ڪنْيت ”اَبُوالْحَسَن“ آهي. (اردو دائرة المعارف، ٩١/٩) جڏهن تہ مَشهور ۽ مَعرُوف لَقَب”گَنْج بَخْش“ ۽ داتا صاحب آهي. پاڻ تمام وڏا عالمِ دين،شيخ طريقت، عبادت گذار ۽ متقي بزرگ هئا، سندن ڪتاب ڪشْفُ الْمَحْجُوْب سڄي دنيا ۾ مشهور آهي.

## ولادتِ با سعادت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضُور داتا گنج بَخش رَحمَۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ جي وِلادَتِ با سَعادَت ڪم وبيش 400 ھ ۾ غزني شهر (City) ۾ ٿي. ڪجھ عَرصي بعد سندن خاندان مَحَلہ هجوير اچي ويو، انهيءَ نِسبَت سان پاڻ هجويري سڏرائن ٿا. (اردودائرۃ المعارف ،۹۱/۹، ملخصاً) سندن وصالِ ۲۰صفرالمظفر ۴۶۵ ھ جو مرڪز الاوليا لاهور (پاڪستان) جي سر زمين تي ٿيو، جتي سندن مزار مبارڪ ۽ دعائن جي قبوليت جو مقام آهي .

## رسالو”فيضانِ داتا علي هجويري“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيدُنا داتا گنج بخش رَحمَۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جو واقعي جن جو ذهن بڻي ٿو، دل ۾ پڪي نيت هجي تہ هٿ بلند ڪري چئو: اِنْ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. داتا صاحب جي سيرتِ مبارڪ جي حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو ”فيضانِ داتا علي هجويري“ جو ضرور مُطالَعو ڪريو، اِنْ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دِين جو خزانو حاصل ٿيندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ جي حُسنِ اَخلاق بابت مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي تہ

❖ اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ خلافِ شرع ڪمن کي ڏسي نهايت سٺي انداز ۾ اصلاح ڪندا هئا.

❖ اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ ڪاوڙ کان بچندا هئا ۽ هر ڪنهن سان نهايت نرمي، شفقت ۽ حُسنِ اَخلاق سان پيش ايندا هئا.

❖ اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ مريضن جي عيادت ڪندا هئا.

❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه غريبن جي بہ دعوت قبول ڪندا هئا.

❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي جيڪو گاريون ڏيندو هو، پاڻ کي برو پلو چوندو هو پاڻ ان جي خلاف بہ پاڻ جوابي ڪاروائي نہ ڪندا هئا بلڪ حُسنِ اَخلاق جو مُظاهرو ڪندا هئا.

الله عَزَّوَجَلَّ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي صدقي اسان کي بہ هر مسلمان سان حُسنِ اَخلاق سان پيش اچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مِٺامِنا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتن ۽ آدابن کي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاة المصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سنّتیں عام کریں ،دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

◈ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تہ جيئن ڪو ايذاءُ ڏيندڙ ڪيڙو وغيره هجي تہ نڪري وڃي ◈ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِکَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا ترجمو: اي الله عَزَّ وَجَلَّ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽

جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ◈ **عصر کان پوءِ نه سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. فرمان مصطفي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو ته پاڻ کي ئي ملامت ڪري.“ (مسند ابي يعلىٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ◈ ٻنپهرن جو قيلولو (ڪجهه دير ليٽڻ) مستحب آهي. (فتاوىٰ هندية،٥/٣٧٦) ◈ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروهه آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) ◈ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي ته پاڪائي سان سمهي ۽ ◈ ڪجهه دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمهي. (ايضا) ◈ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير به گڏ نه هوندو ◈ سمهڻ وقت ياد خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، سُبْحٰنَ اللّٰه ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضا) ◈ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو:اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىٓ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَا تَنَا وَاِلَيهِ النُّشُوْرُ. (بخاري،٤/١٩٦،حديث: ٦٣٢٥) **ترجمو:** سڀ تعريفون الله عَزَّ وَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ◈ انهي وقت پڪو ارادو ڪري ته پرهيز گاري ۽ تقوىٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو. (فتاوىٰ هندية،٥/٣٧٦). ◈ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪرِيءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نه سمهي. (درمختار و

رد المحتار ج 9 ص 629) ◈ زال مڙس جڏهن ڪٿ تي گڏ سمهن تہ ڏهہ سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نہ سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حد شهوت کي پهچي تہ اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي. (درمختار ج 9 ص 630) ◈ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ◈ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آهي. سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”فرض کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.“ ( مُسلِم،ص ٥٩١ حديث: ١١٦٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتون ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي .

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص٦٦٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

(1) ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

(2) ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305